ستار پيرزادو

# سُورن سانباهو



www.sindhsalamat.com

ستار پيرزادو

# سُورن سانباهو

شاعري

سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | سُورن سانباهو |
| شاعر | : | ستار پيرزادو |
| موضوع | : | شاعري |
| ڪتاب نمبر | : | 35 |
| ڇپائيءَ جو سال | : | 2010 |
| ڇپائيندڙ | : | سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڏس | : | مزنائين، پارس ميڊيڪل سينٽر<br>مبارڪ شهيد روڊ، ڪراچي. |
| اي ميل | : | esaakhi@gmail.com |
| ڇاپيندڙ | : | البرڪت پريس ، ڪراچي. |
| قيمت | : | 100 رپيا |

# ارپڻا

خاندان جي وڏڙي ، حاجي لعل بخش شيخ
جنهن جي نالي ڳوٺ ۾ مون پيدا ٿي اوهان
جي امانت اوهان تائين پهچائي سگهيو آهيان..

ستار پيرزادو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترتيب


| | |
|---|---|
| هڪ راءِ | 7 |
| بيت | 13 |
| دوها | 31 |
| سورٺا | 37 |
| گيت | 43 |
| چوءُسٽا | 57 |
| هائيڪا | 61 |
| ڏيڍ سٽا | 71 |
| نظم | 75 |
| آزاد نظم | 85 |
| غزل | 141 |
| ترائيل | 156 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇپيل ڪتاب

- پيغامبر (3ايڊيشن) ترجمو 1985ـ1989
  نيو فيلڊس پبليڪشنس، حيدرآباد
- مون کي محبت آهي. ترجمو 1996ع
  نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد
- تيرهون سج، ترجمو 1999ع
  سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي
- ويا جي هنگلور، سهيڙيل 2000ع
  سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي
- سرمد شهيد، ترجمو 2002ع
  سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي
- وڏا وڻ وڻڪار جا سهيڙيل 1997
  سنڌ ادبي اڪيڊ مي ڪرا چي
- آوارا اردو ترجمو شيخ ايار / ستار 2008
  سنڌ ادبي اڪيڊمي ، ڪراچي
- سيئي جوين ڏينهن ڪهاڻيون 2008
  سنڌ ادبي اڪيڊمي ، ڪراچي
- آدرشي انسان سهيڙيل 2009
  سنڌ ادبي اڪيڊمي ، ڪراچي
- قصائد پاڪ سهيڙيل 2009
  سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسٽو آهي اڄ، ڪاڏي ليٽي اُٺ،
وچون سارو ٻٽ، ماٺڙن آڏو مامرو.

تون ٻه اوري اڄ، ڪيڏو تي ٻاڪريوم،
سانجهي تي ساريوم، هاڻي رات رمي وئي.

ڪنيا ڪنواري، رات پياري، سوچي تڪي اُپ،
سچو نڪري ٿيپ، لالڻ لا نئن سان ملي.

بند ٿيندا ٿي نا هن، ماٺڙن وات پرين،
چو تي ڏيان ڏرين، چرچو ٻڌي پانهنجو

هٽي ڪيڏيون جهمريون، پر ٽائيڻ پٽ ڪي،
کهڙي ڪل چٽ ڪي، سڪائون باسيئي ڪيتريون.

سهرا سمورا، ٿيو جني ڳاتيا گهوٽ لئه،
ڪين ٿينا سي پورا، تنهنجا باسيل پلوڙا.

وهاري ونواهه ۾، اتنو ڪيڏو لائي،
ڦيرا ڪيڏا پائي، سخي شاهه جمال تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رتو ويس ڍڪي، پارائي ڳهہ ڳنا،
ڪَيَئي راج ڪنا، شاديءَ لئہ چوڪري.

نيا ٽيون سيا ٽيون آئيون، ڳاتائون سپ ڳيچ،
مينديءَ ٻوڙايئي چيچ، لڪي لڪي گھوٽ جي

لائن واري ويل، ڏانيئہ سپ ڏانوڻ،
پوءِ نہ تيا چوميل، لانئون ڏنئي لال.

نيڪيتيءَ جي ويل، گل چوندا يئہ گھوٽ ڪان،
تي نہ سگھيا پر ميل، گھوٽ ونيءَ گھر ۾.

ڏيئي لوڻ ٻڪ ۾، تو جي وٺايا هٿ،
سي نہ رهيا سٿ، ساڳي آءٌ اڪيلڙي

ماءُ لڏيون مون لائون، جڻ تہ تيو هو ڏوهہ
ڪنهن ڏي ڏيان ڏوهہ، قضا مون سان هينئن ڪيو

تو تہ گھٽيون ئي ماءُ، باسيون باسيون شاهہ تي،
پر ڪو لونءَ لڳاءُ، مون نہ پاتو وَر سين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ٿي رنو ماءُ، تو ٿي ڳاتا سيهرا،
ساريون پينر پاءُ، لائون ڏنيون لاڏ ما ن.

آءُ ڪٽان ٿي سُنهن، منهنجو نا هي ڏوهہ،
لکيو منجهئين لوهہ، پڙبو، پيار نہ مليو

گل ڦل گاهہ گسن، چوءُ ڏس ٿي سرهاڻ،
وسي ويو وڏڦڙو، وڻ ٽڻ ٿا وهسن،
پرين شال پُرجهن، منهنجا سندا مامرا.

ٻُڪنَ پيلا گلڙا، ڪونڪ ڪئي قطار،
مُونِي آئي منهنجي آ، موني پڻُ تون يار،
تو ڪان ٽيندي ڏار، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

اڄا ڳمل ايوٽيءَ جا، ٽاري ٽاري ٿي ٻهڪي،
ڇَنُون ڇيها جهرڪيون، ٽِيٽِيهر ٿي ٽهڪي،
منهنجي سڄي مهڪي، تو ڙي ڏينهن ٽپي ويا.

پيرون ڪيڙن ڪوڙ، ڪامنهن جهليا ڪارڙا،
ٽڙڳي پاٽيءَ پاند ۾، جهول پرن ٿا ٻارڙا،
تو ڪيئن مون پارڙا، وسريا ورڻ ڏينهڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي پئُہ راتڙي، وس منداٽي مينهن
ڪيڏ و مونکي نينهن، ٿيهارايو ننڍ جاڳ

ماڪي لاهي موتيا، ڪنن ڪر ڌس لوڻا،
ڪاڙهي ڪاڙهيا ڪيترا، ڪرا تيوڙي ڪوتا،
تاڏل چاٽي ڏيئڙي، خص خص باداميءَ ڦوتا،
ڏوهيا ۽ سيب پوتا، ڪڙم سچو ئي ڪيم ٿبي.

رنبي ساريون سهاڳڻيون، برت تيون پرينِ،
ڪيڏا نيا ز ڪرين، ڳائي لاڏا لاڏ مان.

ڪيڏي پيڙا سفر جي، جهوري وڏو جي
پرين اوڏو ٿيءُ، تہ لهين تڪ سفر جا.

ڏنم توڪي ڏاج ۾، لڙڪ اکين لاڙي،
ساهہ نہ آئين ساڙي، جڏ ائي هن جيءَ کي

سانجهي سپون سمنڊ، لهر لهر آلاٿ،
ڪيڏ ا اونچا ڳاٿ، ڳڙڪائي وينو سمنڊ آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باک ڦٽيءَ جو ماک، جرڪي لٽيءَ جي لام،
راتِ صبح ۽ شام، ماٺهو سڀءَ سڪائيا.

ويڙو سج لڙي، پهتا نہ پانڌي يار،
جن لئہ سڀ جمار، جهجهان جهران جوءِ ۾

مونکي کهڙي ڪل، جهريو جيءُ نہ جڙٽو،
پيهر نا هي ورٽو، ويو، ورندو ڪين ڪي،

مونکي کهڙي ڪل، دم نہ پنهنجي وس،
موت ڪيڏي هٿ ڪس، جهپي سا هہ سرير کان.

مونکي کهڙي ڪل، رهندو هڪڙي رات،
جيءُ ڏئي نا جهل، جهري جهجهي جوءِ ۾.

مونکي کهڙي ڪل، ايندين نہ موٽي ماڳ،
پير ڦريون ۽ ساڳ، تو بن وٽندا ڪينڪي

تنهنجا ينا نيڻ، منهنجي ننڊ ڦٽي،
تو لاءِ آءٌ مني، سوچي ستس ڪينڪي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنـــي ســـــاري پـــونءِ، لـــڙي ويئـــي رات،
نڪـــي نڪـــري تـــات، جنِـــين جهـــوري جنـــدڙي

تـــارا گـــل ڦـــل بـــاغ، چنـــڊ چتـــاٽو چـــوڌار،
ڪوليـــا تـــو جـــو وار، اوند هـــ ســـڀ ڍڪـــي ڇـــڏ يـــا.

آءُ اگـــــر تــــــو ســــــاڻ اوريـــــان انـــــدر اور،
ســـوَ ســـوِ پيـــرا گهور، ٽينـــدا منهنجـــا انگـــڙا.

تنهنجـــا ســـارا انـــگ، جـــرڪن چـــوڌ هينءَ رات،
ســـاري وڳـــر جـــي وات، تنهنجـــي آهـــي ڳـــالهڙي.

تـــو لئـــ ڪهـــڙي ريـــت، تـــو ســـان ســـڀ جـــي پريـــت،
تـــو ســـان جيڪـــا پريـــتِ، ڪـــنهن ســـان ڪـــين ٿئـــي.

ماٺـــا مـــوهن ڪـــينڪـــي، مـــوهن تـــا ڪـــي پـــول،
جيڪـــي منهنجـــي جهـــول، آ ڇـــيم ســـي ادب ســـين.

اڪ لڳـــي ئـــي ڪانـــ، ســـوچي ســـاري رات لـــڙي،
مٿـــان چنـــڊ ڪـــڙي، چوريـــو منهنجـــي چـــتّ ڪـــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارا کجکو رات، متان تيو ماٺهن،
کيڏي انـي هيل آ، ڳاڙهسري برسات،
هر کنهن وائـي وات، کونڌر کنا کيترا.

تون سارو سچ پرين، آءٌ کوڙو کچ،
محبت ٻاريو مچ، آءٌ کي اوڏو عشق جي.

تون تہ سهائو سج، اوندهہ تو لئہ ناهہ،
ٿيئہ کٿي تون ساهہ، روشن کريو رات کي

پرجهيم هاٿي پت، چاهي مايا موهہ،
کنهنجو کونهي ڏوهہ، هر کو چاهي مون ملي.

چندن سندِي چِمکَ، سڄڻ سندي سِکَ،
کانہ رهي تي لک، وکري وجي واءَ ۾.

جهومر جهومن جيئن، تو جهومي اٿي جيءُ،
کهڙو پرين آ هيءُ، ڏٺي ساهہ سيبائيو.

ساڏو سوا سور، جوڳي بنا جاڳ،
ڏنو ٻڌو کينکي، بنا راڳيءَ راڳ،
جهاڳي جهاڳ اَجهاڳ، پانڌي پهتا پِرَ کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُرُ ۾ سُرندو، جڏهن ڪَنَ پيُن،
ڇاتو ٿي چاڙهڻ، سِر سوا نہ گهرندو.
چارڻ نہ چرندو، ڇورئي ڇنگ ٻنا.

گهائي ڪا گهُورن، ڪنين اڙايو انگ،
ڪنين ڪاتيا قيد ڙا، ڪنين ڇنايو ونگ،
ڪنين ساريا ساٿيا، ڪنين ساريو سنگ،
جاني جنين جُنگ، ٻڌن ٻولن ڪينڪي

اسان رات اداس، سوچيو وينسي سنڌ تي،
ڪيسين رهندي راتڙي، ڇوڏس هيئن اماس،
آيو جهوني واءَ سان، رانول رتو واس،
ڪنهن کي نا هہ قياس، ساڙيندي سنڌ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نذرِ اياز

ٻڌ ٻڌ هاڻ اياز ڳائجن تنهنجون ڳالهڙيون،
سارا تنهنجا ساز، گهر گهر گونجن ڪيئن پيا.

ٻڌ ٻڌ هاڻ اياز، تنهنجو هي پيغام،
ڪيئن ٿيو آ عام، ڪنڌ ڪنڌ پهتو سنڌ ۾.

ٻڌ ٻڌ هاڻ اياز، تنهنجون هي وائيون،
ٻاجهاريون ٻايون، ٻولن جهوليءَ ٻار سان.

ٻڌ ٻڌ هاڻ اياز، تنهنجا گيت غزل،
ڪانهي جهڙ نه پل، ڳائجن ڳوٺ ڳلين ۾.

ٻڌ ٻڌ هاڻ اياز، پنهنجو سچ چيل،
توسان قول ڪيل، پاڙين سنڌي جوانڙا

ٻڌ ٻڌ هاڻ اياز، ڳايل پنهنجا بيت،
پرٻر ٻهڪن ڪيت، جر جر جرڪن جوانڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهج ماڻ ايا ن، مقصد پنهنجو ماڻيئي،
پرجهي سون سا ڳالهڙي، لڏ و تنهنجو راز،
تنهنجو هي آواز، بڏ و هر هڪ پيا پڙيُ

تو سان ڪهڙي ريس، تو وٽ لفظن کاڻ ،
حياتي وڏيري ماڻ، پرج جهولي سنڌ جي

تنهنجي هيءَ ٻولي، جيڏي ٻاجها ري آهي،
تيڏي تکي گولي، جي ٻوليون ٻئي ڍنگ سان.

موتين پوئين هار، تنهنجا لفظ لڙهيون،
وجين ايئن مڙهيون، ڪهنا لفظ صراف جان.

تنهنجا جو ٻه پڙهي، وايون گيت غزل،
جيءَ اڇي نه جهل، ان جي ننڊ ڦٽي پوي.

منهنجي نيٽئون ننڊ، چاڪئون ڦٽي رات،
مونکي ڳولي ذات، لڏ و آهي لوڪ مان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳوٺ جي سار

ٻجهي ٿي ٻلهڙيجي، دڙي پاسي دادلي،
جهوري جنهين جي، رات و ڏينهان روح ۾.

جنهن ۾ ڇاپي مون، پيرين پنڌ ڪيو،
رهان ڪيئن سڪيو، ان جا ساري ڏاڪڙا.

سارون سنڌوءَ ڪپ جون، اڇن سونن ساڻ،
پانيان پنهنجو پاڻ، پرزا ڪيان پٽ تي.

اتر شاهه جمال، ذڪر شاهه ملوڪ،
ٻوڙي سگهي ڪينڪي، جنهن کي سنڌوءَ ڇال،
ٻڌيو اتان جو حال، هيئون هجي ٿو وڃي.

ڳوٺ مٿان چنڊ، چمڪي چوريو چت کي،
ڳُڙي پيو گهنڊ، پرهه ڦٽي پريات جو

سٽي سناريم سيڻ، ورهين ڪين وريا،
سيئي سور سٽريا، چٽڪي منهنجي چت ۾.

موت نه ڏسي منڊ، هوت نه ڏسي حال،
ڪڏهين ڪري ڀال، اچي هوند اڻ هوند ۾..



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽڙ، ڪيڪڙو ۽ واري

ڪڙڪڙ آهي ڪيڪڙو، رڻ پٽ جو راڪاس
ڏاري ٿو آڪاس، هن جو هي آواز.

ساري واري سڄ، وڻ نه ڪو وانگي،
ارها سرها سانگي، سونهن ديس وٿاڻ ۾.

پيرون پڪا پوئن، ترڪي تڪو تباءِ،
جهولو جهٽي واءُ، ماٿهن لنگ اُساٽيا.

ڪاري واري ڏينهن، ڪڏ هن ٽرندي رات،
ماٿهن ڪاڏي مات، ڪيڏ ي سڄ الاءَ سان.

چٽڪي ڪِٽڪي ڪرهو، رڙهي نه، راڙا ڪري،
پاٽي ناهي پنڌ پري، هلي ڪيئن هيج سان.

واءُ سچوئي واسيو، تنهنجي سڳنڌ ساڻ،
تنهنجا سيئي ماڻ، من موهيندا ميان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوتي پوني پد متي، ڪڏ هن وُنو ميَنهن،
ڏکيا گڏ رن ڏينهن، لاٿو لنب سڙي ويو.

رڻ تي ڪهڙي رات، توڙي چمڪي چنڊ،
گڙي نہ تو جنڊ، تہ سونهن اَسونهين لڳي.

هيءَ جا ڏيءَ ڏ را ڙ جي. آهہ ساماڻي ڪالهہ،
ڳهيليءَ جي ڳالهہ، واڙي واڙي وات تي.

ڪهڙي ڪريان پت، توسان پنهنجي ڳالهہ،
منهنجي ساري زندگي ،منجهيل جهڙي سٽ،،
جي سليان تو سان سور،تہ ڪلي پوندم ڦٽ،،
سا هہ تئي تي گهٽ، ، ساري گڏريل ڏينهڙا.

سليم ساري پت، جيون جا بہ پرولي،
ٻڌي جهوليءَ ماءُ ۾ ،ٻا جهاري سا ٻولي،
جاپي مرڻ وچ ۾، زندگي ڪيئن رولي،
جيتي ويا جڳ ڪان ،خالي جنين جهولي
جيڪا وهي پولي،جاڻ اها جاٽي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوڏيل ۾ چنڊ

تنهنجو چهرو چنڊ ، آئيني ۾ جرڪي،
منهنجو من مَرڪي ،اولڙا اکين تي پيا.

تنهنجو چهرو چنڊ ، لڏي آئيني منجهه،
من، تي ٿيو ائن منڊ ، اکيون آئيني ڪتيون

ڳاڙها تنهنجا ڳل ، اکيون هرڻيءَ هار،
ڪمڪمر، ڪارا وار، اکيون آهن آڳميون.

شيشي ۾ چاچول ،سارو جسم چلي پيو،
سڀ ڪي ملي پيو ، ڪيڏو ساءُ سرير، جو

ننڊ اکڙيون نينگريون ، ڏاري ويٺيون ڪنڌ،
ساٿو سَنڌُ سَنڌُ ، اڃان پنڌ اڳيرو.

آئيني ۾ خوبرو ، ڪلهي ڪنڌ ڏاريو،
منهنجي من واريو ، پري ڪان ئي پاڻ ڪي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳلن جرڪو سڄ جو، آئينيءِ مان اولڙا،
ائين تو جو پورڙا، اکيون ڇنيي ورتيون.

صوفن جهڙا ڳل، اکيون ڪارا انگور،
هن جي ترڇي گهور، گهائي رس گا ڏئين.

تو لئه ڪا تشبيهه، ڪا نه سجهي تي ڪامٽي،
ائين ڏانوڻ ڏانوتي، اِڪ نه مدن جي د لڙي.

آئيني ۾ تنهنجو چهرو، ائين تو جهولي،
ڪڪرن مان چنڊ تو، چڪور ڪي ڳولي.

اونڌا يئمانا ڪرى، بند ڪيئي مڌ شالا،
پياسا ڪٽي پيء رجن اجارا موتيو.

ڳل متان هٿ آڱريون، چنڊ متي سادل،
نڪري جهٽ پل، چنڊ چتاٽو پيو ڪري.

ستي سارين ڪان، ڪنهنکي تي پر يسائين،
نه تي جو ڳالهائين، سرتي سمجهيم سيکي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئيني ۾ چهرو چنڊ، جهولي پينگهي جيان،
منهنجو من ميان، آهه ڪنديو آن ڏي.

اکيون کولي تو، سنواريا تي وار،
جڻ ته ٻولي تو، ڏني پڪ پريت جي.

اکيون کولي تو، سنواريا پئي وار،
تنهنجا سارا پيار، پرجهيا مون پرين.

اکيون کولي عجب مان، ڏٺي پنهنجو پاڻ،
هيڏي ڪيئن سرهاڻ، نڪتي منهنجي ننڊ ۾.

پر ۾ سکيءَ ساڻ، سوليئي جيڪي ٻولڙيون،
تڙڦي من ڪئي نساڻ، ٻڌان ٻاجهارين کي.

ويندي هڪ نظر، وڌم نوتي پوپري،
وٽينءَ مونکي اونري جيئن ياڪر ۾ هجين.

چمڻ جهڙا چپڙا، چهڻ جهڙيون ڇاتيون،
ڪيڏيون آهن آتيون، اکيون اربيليءَ سنديون.

پر ۾ تنهنجي سکي سونهين گل گلاب جيان،
گهوريو ڪيئن نه وڃان، پرين! پرڏيهه جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دوها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هار ڪري سينگار، جڏهن ڪنياڻ تو پيئي،
هاڻ لڦتا نا چٽي، منهنجي من، جا ميئي.

هار ڪري سينگار، تو جو ڪيڏي گهور،
موهيو منهنجو مَن،، جنهن ڪي دل اک انبور.

آءُ هلي هڪ وار، ٿلي، اڱڻ اجاري وچ،
من، ۾ مائي چٽنگ مسني، پنيت ٻاري وچ.

آءُ هلي هڪ وار، ڪلي پريائي وچ هي من
ساهه نہ تو سيبائي سرتا ،ڪامي تو مون تن.

جيڏي ڪاري رات ،تيڏا ا روشن نيڻ،
ڪيئن نہ ٻڪجن تن سان ، منهنجا آتا نيڻ.

ڪيئن ياد ڪيانس ،سڄڻ وسري ٿي نہ تو،
ساهه ۾ ساجن رهي ، ذهن ۾ اُسري ٿي نہ تو.

ڳالهہ ڪنهنجي ڪيان. ياد بس هڪڙي اتم ،
ڪنهن کي ڪيئن ميان، هن ٻڌائي ٻاجهہ سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکڙيون کول تہ اوتيان تن ۾، پنهنجي من جي جوت،
اوندا هيون سڀ روشن ٿيون، منهنجي دل جا هوت.

ڳاءِ اتي ير راڻو هاڻي، تي وٺي آ پرڀات،
من ۾ کو مانداڻ مچي، ڪيڏي آهي سانت.

جنهنجا ڳل گلاب کڙيل، نرگس جهڙا نيڻ،
سي ٿي منهنجا ساجن سرتي، سي ٿي منهنجا سيڻ.

اٺ اڇا رو پيت ٻڪيو، اُڪلي کهڙو پنڌ،
اوٺي وينو واجهہ وجهي، ناهہ وچاڻو هنڌ.

اپ ٿي ناهي چنڊ سڪي! تا تارا ڪل ول ڪن،
ساريم پنهنجا سيڻ سڪي! مونکي موهيو جن.

آءُ اوهان جي آهيان پيارا، ٻئي جي ناهي ڪاڻ،
تون ٿي موتين مالها آهين، تون ٿي هيرن کاڻ.

لائي پريت نڀاهڻ سرتا، آهي پنهنجي ريت،
موهي ماڻن سان نہ مارج، جڙ ڪري نا جيت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُجي ڪير سگهي، ڪنهن جيَ آهہ مجال،
تہ واڌو ڪيئن هلي، منهنجي جان جمال.

تنهنجي ڪارن وارن نيارن ، موهيو منهنجو من،
تنهنجي نيڻ نهارن تي ، تڙپي اٿيو هي تن.

ساٿي ساري هنجون هاري، هيءَ ايا ٽي ڪير،
رات نهاري سج اياري، ڪنهنجا گهٽ ۾ گهير،

اڪيون هي نہ اوپريون ، صدين جي سڃاڻ،
هلي آئيون پاڻ، منهنجو مان مٿي ڪرڻ.

مان آهيان آواز، وڪري واءُ ۾ وڃان،
تڙ تڙ تي پرلاءُ، ٻجهي ٻُري ٿيو اڃان

تارا تنهنجو ڏوهہ نہ آ، پلي پيو تون ڪلُ،
پري آ مون ڪان ساجن، تون ئي هن سان ملُ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات وسايم وڏ ڦڙو، تو ڪي ساري سيڻ،
ڪنهن جا ساريم ڪين ڪي، سرتين ڏنا جي ويڻ.

ڳاءِ اتي يمر راڻو هاٽي، تي وئي آ پرڀات،
من ۾ ڪو مانڌاڻ مچي، ڪيڏي آهي سانت.

آئون اوهان جي آهيان پيارا، ٻئي جي نا هي ڪاڻ،
تون ئي مون لاءِ موتين مالها، تون ئي هيرن کاڻ.

تنهنجي وارن ڪارن نيارن، موهيو آ هي منُ،
تنهنجي نيڻ نهارن تي يمر، تڙپي اٿيو هي تن.

# سورٺا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُتي تنهنجي سونهن، نکري آئيني منجهان،
دل سان ڪئي وِرُونهن، وسري ڪيئن وجود کان.

ڪنهنجي نا هہ مجال، ايند ن روڪي راهہ،
پورن متان پال ، ڪري قرب قريب تو.

رُتّ تي رات اُتي، برکا بوند بهار جي،
لتي مونجهہ مٽي ، سائون سرس ڦولاريو.

پنڌ نہ پراهون، جي هلين هئين سانڍ ،
ٿورو اڳا هون ، ساجن آهي سات ۾

لڙي هيل تہ آءُ ، ڏس تہ اسان جا ڏاڪڙا،
سڌ نہ سات سماءُ ، کهڙو ويل وهي ويو.

اهي ئي ياد ڪرين، جن وساريو هجيس،
سي ڪيئن سارين ، جن جي ساهہ پسا هہ ۾.

تو سان پنهنجو سنگ،سنيران صديون اڳي،
منهنجو هر هڪ انگ، جهومي تنهنجي گيت تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪيم جيڪي بيت، چهرو تنهنجو ڏسي،
لهرون لهرون ڪيت، متان چنڊ ڏسي پيو.

چڙهي مٿي چوٽ، ڏسي بيٺو چنڊ تو،
جيڏا اونچا ڪوٽ، اوڏو ظلم زمين تي.

تون به اوري آءُ، توڏي آءُ رڙهان پيو،
منهنجو ٿهريو تانءُ، پرچ پنهنجي پاڄه سان.

ماڻهن وات نه ڪي ڪوهه، تيٽا نا هن بند،
ڏس ڪيڏا سهٽا توهه، گدرا تيندا ڪينڪي.

تون به اوري تنيءُ، ڏس منهنجا ڏاڪڙا،
سيارو سارو سيءُ، لهي ڪين وجود جو

نهه نهه ڳوڙها نيڻ، ٽپڪي پاند پسائيو،
پنهنجا سيئي سيڻ، ساريم ويني سانت ۾.

تنهن جو چهرو چنڊ، تارا ڏسجن ڪينڪي،
محبت وارو منڊ، مون تي مڙهجي آ ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڙئـي ســج لهـرون، واريءَ جـون واتـن تـي،
پويــاڙيءَ پهــرون، ورن ســي وتـــاڻ ڏي.

اوريــنــدي اورون،اُيريـــو ســـج اُلهـــي ويـــو،
آيــون تـي ســارون، اونهــي مــان اوج ســان.

کـا لهـا نکـر کانـگ، کـنـديءَ وينـو ٽـاٽي،
ساتيئڙن جـو سـانگ، آهـي منهنجـي پـار ڏي.

وريـو ڏکـڻ واءُ، مونجهـه لتـي مـاڳ تـان،
هاٽي پرين تون آءُ،گڏ جي گهاريون راتڙي.

مـونکي کهـڙي کـل، وري ورنـدين کـين
کري سـگهان نـا پـل،متو مـن مانـدو تـئـي

اتـي پانـدي يـار، پـورج پـرينءَ پـار ڏي،
ستي وينـي سـار، تـوکي جـنهن جـي جـيءَ ۾.

اتـي پانـدي يـار، پـورج پـرينءَ پـار ڏي،
ستي ويني سار، تـوکي جـنهن جـي جـيءَ ۾.

آءُ تـه گـڏجي گهـاريون، ٻـن وڃـوڙو پـوءِ،
آءُ تـه جند ڙي واريون، تو تان سانجهه صباح.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كيڏا پختا ٻڪ هيا، نظرن جا تو منجهه،
سارا سوين لڪ هيا، تنهنجا ٻول پرين.

اچي عشق امام، ڪيو قرب ڪلام،
سٺم جيئن سلام، تيئن پختو پيچ پيو.

آءُ اگر تو ساڻ، ڪيان روح رچنديون،
چند ڪتين ساڻ، تڪ ٻڌي ٻڌ ندو رهي.

سڪان ساري رات، ايرئي سان اَيِري تيان،
وائي پوءِ پي وات، مونکي ساجن جي رهي.

ڪانهي ڪابہ ميار، توتي منهنجا يار،
آهي مون چمار، اُڪنڊي ا زل ڪئون.

رهي منهنجي روح، ساجن ساه سرير ۾،
سانجهي ساڻ صبوح، ڳُجهي ڳرهيان ڳالهڙي.

هيڪل وَسُوري آنءُ، آهيان تنهنجي آسري،
وٺيو تنهنجو نانءُ، جڏو جيءُ جياريان.

مان نہ پنهنجي وس، سڀ ڪي تنهنجي وس،
ڏانءُ پرين ڪو ڏس، تو سان پريت پختي ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- تنهنجي سار ستائي.
- تون آن آيو هيل،اويري ويل.
- وسڪاري ويل نہ آ.
- سينو آءُ ڪيئن تو سان سا هيان.
- آءُ تہ بهارون پيرو ڪن.
- نہ ڪر پڇتاءُ منهنجا ياءُ.
- نيڻ ڏين ويڻ.
- وس وس او مينهڙا!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### تنهنجي سارسنائي

سا جن !

پل پل ٿي تڙپائي

ڪيڏا ڏينهن وچوڙي پيڙا، ڪين لڌي تو ڪا سار،

ڪيئي چوڏ ماسا گذ ريا، لنگهي ويا سوين بهار.

ڪونج لنگهي ڪرلائي

ساجن!

پل پل ٿي تڙپا ئي

هيل اچي ڪر ميل، ڏ ڪئي هن ڏيل سندو ڪر دارون،

ساهه سڪي ٿو ريجهي ڪين، ڪري توهان لئه ڪارون.

سورُ اند ر جڙ لائي

ساجن!

پل پل ٿي تڙپا ئي

واجهه وجهان واجهائيان، سڌ پڙاڏا ساريون واتون،

روح رڙي ٿو تو لئه ساجن! نيڻ وسن جيئين چاتون.

چڻ ڪو سارنگ ڳائي،

سا جن!

پل پل ٿي تڙپائي

آءُ هلي، پوءِ ڏيهه پلي، ڳالهيون ڳائي ڪين مڙي،

چوريو منهنجو چت آهي، ڪن پئي هن چنگ چڙي.

ساهه سندم سيڏائي،

سا جن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي سار، ستائي
تون آن آيو هيل، اوبريءَ ويل،
ڏ ني لهندا ڏک پرين.

اڌاريم ڪيئي ڪانگ ، مسين ڪيا تو سانگ،
پاٽان تيا، پڙ يانگ ، لاڙي آئين چانگ.
تنهنجي آئي او پيارا!
سَهنجا تيا هيل سيارا
تو جو ڪيڙا ميل، جـڙي پيا سپ ڪيل،
ساريان کهڙا بسک پرين.

ويهه تہ وهسي دل، ڪيچ ڪري ڪـل ول،
اک نہ ايندي گـهل بئي نہ لڳندي دل،
تون منهنجو سينگار،
تو سان منهنجو پيار،
تون آن تيل قليل، آئُ تہ ڪريون ميل،
چهري کهڙي مَـڪَ چـک پرين!
تون آن آيو هيل، اوبري ويل،
ڏني لهندا ڏک پرين!

www.sindhsalamat.com · books.sindhsalamat.com

وسڪاري جي ويل نہ آ،
ڪنوڻ ڪيو ير ڪيل نہ آ.
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو.

آهہ گهٽا گهنگهور پر،
هيل، نہ برسيا ترءِ بر،
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو

ڪيڏي پياسي پٽ آهي،
ڪڪري برسي جهٽ آهي.
هڙڪ هلو هو
ڏيمان هلو هو.

آهہ اڏاٽي واءَ سان واري،
ڏرتي پنهنجي پوءِ بہ پياري،
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو.

سر سڪو آسانگي ڳيو،
وڻ نہ آهي وانگي بچيو،
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورج آهي باک ڦٽي،
راهہ بہ پنهنجي ڄاڻ ڪٽي.
هڙڪ هلو هو
ڏيمان هلو هو.

ويڙها پنهنجا سارا وڳ،
اکين ڏٺا سون الله لڳ،
هڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو .

مارو مليا مُرڪي مُرڪي،
ڳڏجي وينا سُرڪي سُرڪي،
ويڙهي يار ڪٽا ،
ملندي ٿڪ لٿا.

سينو تو سان آءٌ ڪيئن سا هيان،
ٿورا تنهنجا ڪيئن مان لاهيان،
جهڙي آهيان مان تنهنجي آهيان.
تو ڪان ڪيئن لنوايان،
تو سان نينهن نباهيان
تون شل مونکي پنهنجو پائين.

اڄ تہ اتر واءُ لڳو آهي مند مٺي
ڪٿن تو ڪان وسري منهنجي گهٽي،
تون ئي سـر جو سائين،
ڇو مونکي ڳل نا لائين،
تو بن جيءُ جنجال، اچي تون ڳـر لائين.

تون جو وئين ٿي دل جي ڌرتي ويران
تو بن ساري جڳ، مان آءٌ رهان حيران
ڪين وٽي تو مـنڙا مونکي پيو انسان
تو بن نا هي آرام
ياد پوين صبح شام،
تون ئي منهنجي سـر جو سائين.

آءُ تہ بھارون پيرو ڪن،
موتي مند ملهار،
منهن جا پيار،
تو بن گھاريان ڏينهن ڏکيا.

سرتين؛ جا جيئن چهرا ٻهڪن،
منهن جي من ۾ اڌما ٽهڪن،
ساري تنهنجا پيار،
ڪيئن رهان مان ڌار،
دک ٽا دل ۾ ديرو ڪن،
آءُ تہ بھارون پيرو ڪن.
تو بن گھاريان ڏينهن ڏکيا.

ڪونجڙي ڪرڪي پار اڏي وئي،
سانجهي ٿي وئي سار وڌي وئي،
دل نہ لڳي ڪم ڪار،
آءُ اچي دک ٽار،
سونجهہ چڙهي وئي آهي من.
آءُ تہ بھارون پيرو ڪن،
تو بن گھاريان ڏينهن ڏکيا.

چانڊ وڪي ۽ جهر مر تارا،
هر هر مون ڏي ڪرن اشارا،
هاڻ اچي گڏ گهار،
پاٽان ڪر نا ڏار،
سدا وسو منهن جي چن
آءُ تہ ٻهارون پيرو ڪن،
تؤ بن گهاريان ڏينهن ڏکيا.

ايندين تون تہ تيندا سکڙا،
ڏني اوهان جي لهندا ڏکڙا،
اچو تہ تين ديدار،
آ دل کي ڪيڏي سار،
ير وجهو وڇوڙي کي ڀن،
آءَ تہ ٻهارون پيرو ڪن
تو بن گهاريان ڏينهين ڏکيا.

منهنجي بدن جي ٻک ٻلي،
ڪيئن ڪو پنهنجي دل پلي،
تانگهہ لڳي تارِن تار،
آءُ اچي پياسي پيار،
تِونس تپايو آهي جن
آءُ تہ ٻهارون پيرو ڪن
تو بن گهاريان ڏينهن ڏکيا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن رهيو آن ايڏو ڏور،
آنءُ وڃان پئي تيئن وهلور،
ايئن نہ تڙپائي مار.
آءُ اچي پڏنديءَ تار،
منهنجي ننڊ نہ آهي نيٽن،
آءُ تہ بهارون پيرو ڪن،
تو بن گهاريان ڏينهن ڏکيا.

چا تو وٽ مون لئہ نا هي پيار،
جيئن چوين مان تيئين تيار،
هاڻ رسامي ڪي ٻار،
آهيان آءُ نماڻي نار،
هي لنگ بہ تو لئہ تا ترسن،
آءُ تہ بهارون پيرو ڪن،
تو بن گهاريان ڏينهن ڏکيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪر پڇتاءُ ـ منهنجا ياءُ،
موٽي آءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

ڌرتيءَ ڏڱ ڇٽيا ـ موتي لال مٽيا.
ڪونجن جو ڪُرلاءُ،
منهن جا ياءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

سرتا سڏ سٽي ـ موتي اڄ ڪٽي،
وريو آهي واءُ،
منهن جا ياءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

آ ييني اڄ رات ـ وائي سڀ جي وات،
ڪريو اڪلاءُ،
منهن جا ياءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

ڌرتي دا ن گهري ـ سوڍِ ن سڏ ڪري:
ٻجهي تو پڙلاءُ،
منهن جا ياءُ،
جنگ اڃان پيي جاري آ.

ونو سڀ وير ـ لنگهي گهٽ گهير،
ڪونهي پرچاءُ،
منهن جا ياءُ.
جنگ اڃان پيي جاري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ ڏين ويڻ،
لا تئہ ڏاڍا ڏينهن پرين.

آءٌ اڱڻ مهڪاءِ مکڙا،
توکي ڏني ويندا ڏکڙا،
مل تہ پرين ٿيندا سکڙا،
سک مان ساريم سيڻ
نيڻ ڏين ويڻ،
لا تئہ ڪيڏا ڏينهن پرين.

ساجن تنهن جون سارون،
تن من جون ير تو ڏي ميارون،
تو ڏانهن مکم ڪيئي تارون،
ننڊ وساري منهن جي نيڻ،
نيڻ ڏين ويڻ،
لا تئہ ڪيڏا ڏينهن پرين.

تنهن جي وئي ويرا ڳچي من آ،
باھہ ٻٽيو ھي ساروتن آ،
ڪيڏو ڏکيو هر هڪ کن آ،
ڪين وٽي مون ياءُ ۽ ييڻ،
نين ڏين ويڻ،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وس وس او ميهڙا
دلڙي منهنجي کس
او مينهنڙا
لائڻ ڪيڏا ڏينهنڙا
او مينهنڙا
هاڻ پلي تون وس

ڪري ايڏيون اوڙڪون،
پل تل ترايون پوڙ تون،
گاهه ڦٽن ڪي گس
نڪري پون ڪي نينهنڙا
او مينهنڙا
هاڻ پلي تون وس

آهه پرين اڄ منهنجي گهر،
وس وسي اڄ پوڙ پنا ڪر،
وسڻ ڪنان نه ڪر بس،
سرها تين سپ ڏينهنڙا!
او مينهنڙا
هاڻ پلي تون وس

ريڏو اڄ جو آهه رٺو
پوءِ به مجي نا من مٺو،
لاءِ اچي تنهن گس
او مينهنڙا!
هاڻ پلي تون وس،
او مينهڙا !
لائڻ ڪيڏا ڏينهنڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ ڏين ويڻ
لاتئي ڏاڍا ڏينهن پرين!

آءُ اڱڻ مهڪاءِ مُڪڙا،
توکي ڏئي ويندا ڏڪڙا،
مل نہ پرين تيندا سڪڙا،
سڪ مان ساريم سيڻ
نيڻ ڏين ويڻ،
لاتئي ڏاڍا ڏينهن پرين!

ساجن تنهنجون سارون،
تن من کي تولئہ ڪارون،
توڏانهن مکُم ڪيئي تارون،
ننڊ وساڙي منهنجي نيڻ.
نيڻ ڏين ويڻ،
لاتئي ڏاڍا ڏينهن پرين!

تنهنجي وئي ويڙاڳي من آ،
باهہ تيوهي ساروتن آ،
ڪيڏو ڏکيو هر هڪ ڪِن آ،
ڪَينَ وٺي مُون ياءُ ءِ ييڻ
نيڻ ڏين ويڻ،
لاتئي ڏاڍا ڏينهن پرين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوءُ ستا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائي ڳالھہ چوانءِ ، تورو ٻڌ تہ سھي
چا ڪالھہ ٿيو ھيو، ھوندءِ سڌ تہ سھي.
آ شھر سڄو خاموش بڻيو ڇا ڪئون ؟
ڪجھہ تون بہ سل . ڪا ٻڌ سڌ تہ سھي.

تنھنجي پارسائيءَ ڪان مان واقف آھيان،
ٻئي تي آ ڳر تو ڪڻين ، ڪجھہ ڏيان تہ ڏر.
ڳلا خوري ڪنھنجي بہ ڪجي چڱي نہ ھي،
ڪو عيب نہ توڪي ڳڻائي خيال تہ ڪر.

ڪوئي فرشتو نا ھہ پل تہ اديب ٿي ھجي،
چار ڪتاب لکڻ ، شرافت جو تمغو نا ھہ.
ڪري ڏوھہ ثواب تو ھرڪو پنھنجي لاءِ،
عابد جي نشاني تہ ڪوئي نغمو نا ھہ.

ساڳيو مان ساجن ، ساڳيا منھنجا حال،
ساڳيو آھي جڳ سارو ،ساڳيو جڳ جنجال.
قرب تہ رھيو نا ھہ ،ڪنھنجي دل ۾ يارو!
ھر ڪو تڪي پيسو ،ڪنھن ٻئي جو مال.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان نہ هارايان، ڪيئن ڪتين ها راند تون،
مان نہ چاٽيان، ڪيئن پرين ها پاند تون
راند ڪيڏڻ، پير چاٽڻ جو مزو ماٽيو پنهي،
جي نہ جيتين، ڪيئن ڪرين ها ياد تون.

روح جون ويرانيون، رات توڙي ڏينهن ۾،
برهہ جون برساتيون، مند ڏسن سي ڪينڪي.
تا برن ڪورا اندر، باق پاهر ڏسي ڪو نہ ڪو،
درد جون درمانيون، توڪان ٿين سي ڪينڪي.

پريت پاڙڻ، توکي سنڀارڻ، وصل وارڻ،
توڏي نهارڻ، نيڻ ٺارڻ، منهنجو ڪم آ.
تون لنگهين، ڏسندي ورين، ويندو رهين،
منٿون ڪرڻ، توکي سڏڻ، منهنجو ڪم آ.

سرت وارن جا سلامي رات ڏينهن،
عشق وارن سان انجامي رات ڏينهن.
مان مڙهيل چپ سبيل، دل درد پربل،
محب سان مشيلا مدامي رات ڏينهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هائڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڪي ٿي ڳولين ،
ڪيڏو آهي ذينهن ٽتل ،
جواني جوٺي رولين.

آڳر سـو نـا سپرين ،
ڪالهانڪر بو ڪانگ لنوين ،
جيئين شال ورين.

سچ نہ سنيران سور سوا،
سک نہ منهنجا ساٿي ڙي ،
ڏک نہ ڪڏهين ڏور ٿيا.

واري مون واري ،
سنڌڙي تو تان جندڙي ،
پنهنجي هيءَ ساري.

تون ڪرين انياءُ ،
مان نہ سنيران سنڌڙي ،
تنهنجو رک رکاءُ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چــڙيو آهي ڏڻ،
لوڙهه هٿ ۾ آهه ڏنار،
هن جي اک ۾ ڏڻ.

ڪيڏي تڏڙي چانءَ،
ڇهڙي نم جي هاڙهه ۾،
وڻان تنهنجو چونانءُ.

تنهنجي پٽم ڳالهه،
ڪيڏو ساهه سڌير ٿيو،
آيو ريبارو ڪالهه

هرلو لوڙي ماله،
پاڻي نپسر مان اڙهو،
آوانـڍو پڳو ڪالهه

تو لئه منهنجا انگ
لرزن، ڪڇن ڪينڪي،
هوا ۾ ڪٽڪ جا سنگ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهڙ، وهي تو رت،
آئي ڦير متي مونکي،
ساٽو سنڌن ست.

راهه تنهنجي ڪنڊن تي ڦٽي،
ڪيترو ڳهندو تو رهي انسان.
ڪيئن چوان منزل ڪٿي تي ڪٿي.

ايڏي اونچي دانهن،
وڻ وڏي ٿاري ڪري،
جڻ ته ڪپي ڪا ٻانهن.

چٽڻ سرنهن جو ساڳ،
واهه منهنجي ٻا پڙي،
ڪيڏو تنهنجو ڀاڳ

ڏٻن مڃي ڪي ٻارڙا،
پريان نينگرين قطار آ،
متي پليءَ ڪارڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيارو ڪيڏو سيءُ
سياندو نڪري ئي نہ ٿو،
پرين! ا وڏو ٿيءُ.

لُري پئي لڳي،
اوڙڪون مينهن بہ وسي،
جيءُ توريءَ نہ ٽڳي.

چهرو چنڊ چانڊاڻ،
نڪري تنهنجي جسم مان،
ڪيڏي پئي سرهاڻ.

من جي توڏي تاڻ.
موهيو تنهنجي ماڻي پرين،
چاهي رهي تو ساڻ.

پڇ نہ اسان جو حال،
سنڌ وسڪي واري اڏامي،
بڪيا ماڻهو سپ مال.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ڪيڏي ڏک،
لڳئي مان انسان جي،
ڪانڌ لهي ڪا لڱ.

راڳي! راڳو ڳاءِ،
ماڙا مومل جي ڪيا،
ساڙن منجھ سماءِ.

سسئي تي سڏاءِ،
ھاڙهي ڪيڏا ڏاڪڙا،
من سان بين وڃاءِ.

مارئيءَ من ارهو،
پون مينهن ملير تي،
ڏسي ملڪ سرهو.

صورت ڪيڏا سانگ،
بيجل ٻولي هيڪڙي،
آئي اڄ سر بانگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاٽي ڀوڙان ڀوڙِ،
ڊني ڪانءَ کُنن سهٽي،
گهڙي پهتي توڙ.

ليلان پئي ليلائي،
راڻو رِنو راڄ ڏٽي،
ڪا آهي جا سمجهائي.

موکيءَ وڏي مونجهه،
متارا موتي شال اچن،
آئي دير سمونجهه.

پسيس جيئن سمڪ،
روئي واجهائي وانڙيون،
اُکهي، هاريل لُڙڪ.

ولهي ڪنهن واڳي،
کهڙي ڏِک ڏئي پئي،
ڪير چوندو ساڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن چوان ڪيڏانهن،
نظر جنهن پاسي وڃي،
سامهون پرين تيڏانهن.

ننڊ منجهان جاڳي،
سمجهيم آيل آن پرين!
آئي خوشبوءِ ساڳي.

ايئن نہ ڪجل پاءِ،
اک تنهنجي ايئن ڪهي،
سوچي سرخي لاءِ.

ڪانگ لنوين صبح ساڻ،
اک ڪلي، مون پيا نئيو،
اڄ ايندا پرين پاڻ.

ڳيري جي ڳٽڪار،
ڏينهن تتل چپ چپات،
آئي تنهنجي سار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن پهر جي پارتي
ڳالهيون ڪري ٿاريون هنيون،
من مندا ٿتي پار تي

ڪيڏو ڏينهن ٿتو،
ڪانوجي نڪري پئي اڪ
ڇپ پاهر سهڪي ڪٿو

هئہ هئہ هي انسان،
پيٽ جي خاطر پيو ڳهي،
ڳالھ ڳالھ تي حيران

ڪين وسي تو مينهن،
ڌرتي ٿامي ڏڪ، ڏ ئي تي،
آھ تتل ڪيئن ڏينهن

پکيءَ ناهي پر،
سنڌو سڪي سال ٿيا،
ڪارو تي ويو جر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏيڍ سِٽا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو جوڙ نہ پائيند س،
تو ساڻ پرين مان، پکَ توڙ نبا هيندس.

رھ رات تہ را نئيان،
ڳالهيون ڪري توسان، سيني ساڻ لڳا ئيان

تو ڪان نہ ٻيو پيارا،
مان پاڻ ئي آيس، وا عدو ٻيو تو پيارا.

ڪي ڏينهن تيا ملندي،
ڪامي وئي دلڙي، ڏينهن تيا سڪندي.

رھ رات پرين هترڙي،
توڪي نہ وڃڻ ڏيندس، ٻانهن ۾ جڏيانءَ جڪڙي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سک چين نہ آِتو بن،
ساري ٿي دلڙي رڙي، دن رين نہ آتو بن.

تون آءُ اچيِ پرچاءِ
جهل ڪين ڏين اڪيون، تون پاڻ اچي پرياءِ.

ڪو وقت هيو تو ساٿ،
ڳل لڳي ڳرهيم، سو سور سليم تو سان.

اچ پار ڪٽي تون هاڻ،
سڪندي سال ٿيا، شال جواٽي ماڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سڀ سور سنيارون
- من اڪنڊ
- توسان منهنجو ناتو ساڃن
- مون لکيو نا هي اجان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سک سور سنيارون

آءُ اوهان جي سار اسانجو، آهه سڪايو ساهه،
ڪيئي آهن ويڙهي منهنجي دل جو توسان چاهه.

آءُ سڪايل ساري تو ڪي، نيڻين وهايان نير،
يانيان ساڄن ياد اوهان جي دل ۾ پنهنجي تير.

سيارو آيو سيءَ سنيارون، آ من متو مانڌاڻ،
خالي پنهنجو پاسو ڏسندي، جهريو پنهنجو پاڻ.

هيل ته پارو پارو نا هي، چڻ چڙهي ويو سوداءُ،
راتديون روئنديون وسري ويڙيون، مونسان ٿيو انياءُ.

سيارو گذ ريو پڻ چٽي ويا، موريا سڀ بادام ،
گوءَ نچ ڦٽا ڦت ڦاٽي پيا، سک ساري ويا آرام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سج تپي ٿو تاءُ ڪري، تنهنجي تَوءَ نس تپائي ٿي ڪيڏو
ٿسو مَن ڪانيو ٿئي، هر وا ئي دل ورنائي ٿي

راتِ ٻهاري اِيءَ سُهائو، تارا تنهن ور چنچل چنڊ،
راهه تڪيندي تنهنجي ساجن، گذريو ذهن ۾ گهنڊ،

ڄاڻ تنا سڀ ڏينهن پيارا، تو ٻانوڻ مستوءَن مست اچي
جيءُ جهڙي رم جهم ٻرسي، هاڻ هجي جي مور نچي

ٻن چڻ جي آ منڊ وري؛ چڻ وريو وڇوڙي واءُ،
ساري تنهنجون سارون سياڄن، ساهه چڙهيو سوداءُ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منُ اُڪنڊ

پـرجن گـرجن ڪڪـر ڪـارا،
چـم چـم برڪـا مـن تڙپـائي.
ياد پـون سـي گهاريل گهڙيـون،
سـاجن آيـا سـونهن سـما ئـي

روح ويـڙ سِـر راتـل ريجهـي،
ٻـول ٻـرن پپيا هـر هـڪ پـل ۾.
مـن آ ڪانـڍو ڪـين مـڙي تـو،
ڪيئن پلپان مـان نـا هي جهـل ۾.

چـٽ چـٽ جيـئن چنـون وهـن،
ڳـل تـان ڳـوڙهن جـون لارون.
سـيءُ سـياڻو لـونءَ ڪانـداري،
نيـئن ٻـڏن سـي سـاجن سـارون.

ڪالهـہ ڪنيـاتي ٻـولي جهوريـو،
جـيءُ مـسـتو هـو اڳ ئـي ماندو.
ڪيـڏي مـن کـي يـار اُ ڪنـڊ آ،
ويتـر نيـاپو ڪنيـاتي آ نـدو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح رڙيو يا بادل گرجيا،
ڦڙ ڦڙ برکنا اکڙيون آنيون،
ويل اُهائي اِجهو تہ اُ جهاڻي،
سا هہ پيو يہ پائي جهاتيون.

ائين آس نراس ۾ بدلي آهي،
جئين رات وهاڻي باک ڦٽي آ،
جو تون نہ آئين منهنجي ويڙهي،
ڪيئن ساجن ساري آس ڪٽي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم

تو سان منهنجو ناتو ساجن، تو سان منهنجو نيـنهن،
تو بن پانيان سال سمورا، جيڪو گذري مون ڏينهن.

ڪيئن چوان مان تو بن ٿاهي، منهنجو دم قدم،
تو لئه ساهه سپرداڻي سرتا، تو ڪي ساري ماهه ۾ چم.

ڳا لهيون تنهنجون ڳايان ويٺي، ويڙهي ويڙهي واڪ،
تنهنجي سونهن سوا او ساڄن، ڪنهنجي ٿاهي هاڪ.

راهون روز نهاريان روئـي، نيڻ تڪـا ڳـل ڳاڙها ٿيا،
هيل نه آئين سهمون سهندي، ڪيئي سيارا هاڙها ويا.

پول پسرن تا ڪن لنون تا، هر هرچرڪ پري اٿـان پئي،
جهاتيون پايان در ڪولي، ڳوليان توکي آءُ ڪتان پئي.

تنهنجي وا ٿ نهاري ساجن، نيڻ تڪـا نند غائب ٿي،
تنهنجي اچڻ لئه پاڏايم، آڻ خدا توبهه تائب ٿي.

منهنجي من ۾ مانـڊ متـي، تـو جهو ڦيريو مون ڪان منهن،
ڪيئن لڳي ڪم ڪـار ۾ دل، مـون ڪـي تنهنجو سـنهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم

مون لکيو نه آهي اِحسان،
جو لکڻ چاهيم پئي
گيت وڻو گونجار جي،
ڳالهه جو ڳايم پئي

هي غزل جا بند آهن،
يا پيون گهنگهرن اکيون،
تنهنجو چهرو آ چٽو
جنهن لئه سڀ سورن پيون

ڪيئن چوان ٿا ڪيئن ڇڙن،
بيت وائيون گيت هي
ٿا جڙي جن مان ٽڙن،
منهنجا مٽرا ميت هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو ڪيئي رهاٽيون،
ايئين ننڊ ۾ ٽيندڙيون رهيون.
ڪين هڪڙيون ٽي ڪتيون،
ور ور ڀيون ايندڙيون رهيون.

جيئن ڪلي ٽي اک جڏهن،
تيئن وڏي ٽي تات سا،
پئي ڦري ياد سائيءَ هن ۾،
ٽي بات پئي منجهه رات جا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ٻہ نہ آچي، ڪو ٻہ نہ آچي،
مون ڪي پنهنجا ٻسونا پل.
آئون نہ هاريان نيٽن مان،
جيڪر سرتي ارتا ايڏا جل.

ڪنهن نہ آچيا، ڪنهن نہ آچيا،
مون ڪي پنهنجا سونا ڳل،
هرڪيو موهي ماڻهُ هنيلوِ،
تنهن تي سرتي کهڙي جهلَ.

ڪنهن نہ ونڊيو، ڪنهن نہ ونڊيو،
مون سان پنهنجو پيار سڪي،
سانجهيءَ کان ٿو ساهہ هي ساري
،مون ڪوئي تہ هيو پيار سڪي،

ڪنهن تہ ڏني آ، ڪنهن تہ ڏني آ،
ڏوران ئي مون نيند سڪي،
ڪو وقت ٿيو آ ڪن پوي ٿي،
پاجهارل جي سيند سبڪي،

ڪنهن نہ پليو، ها ڪنهن نہ پليو،
نيٺ تہ اڙيو هي ڪين مڙيو،
هاڻ رهي ٿو هن لاءِ ماندو،
جنهن سان منهن جو جيءُ جڙيو،

آئون ڳهيلي ڳالهيون ڳرهي،
هرڪائي ويو منهنجو من،
جان جلي ٿي ساهہ سڙي ٿو،
پيو پنيت، پنيت پاسي تن،

ڪيئن ڪريان ڪنهن در دانهيان،
داد نہ ڪو فرياد ٻڌي ٿو،
ڪيئن ڪريان جو ريجهي راڻل،
سرتيون ڪجهہ پي ڪين سڄهي ٿو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آزاد نظم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- شهر ڪراچي
- يار مونکي ياد ڪندا
- مندائتي سار
- سوچن جي سگهہ
- نظم
- اعتماد
- زندگيءَ خاطر
- سجايو وقت
- وقت نہ وڃاءِ
- تون جياپو منهنجو
- ڪو تہ دروازو ڪلي
- ويڇا
- ڪراچيءَ جي اداس شام
- خالي ذهن
- وقت جو وراڪو
- نظم
- اٿاڻ
- نئون سال
- نظم
- خواهشون
- مري تين نہ مات
- حال جو اونو
- نئين تاريخ لکو
- مان موني ايندس
- سپنڌ
- آس
- اجهل اکيون
- وصيت
- مون ۾ تون
- حڪايت
- نظم
- ماڻ او سرتي!
- عظمت
- ايلاز
- نظم
- اٽل اصول
- نئون پڏر نامو
- امن خاطر
- ڪنهن در داهيون
- آزادي
- سڏ
- زندگيءَ جو هڪڙو پل
- تنهن جي تصوير
- مرڻ چمڻ
- نفرتن جي موسم
- چم ۽ موت
- بي وسائپ
- طارق اشرف جي نانءِ
- اي امان!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم

هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي،
هي شهر تہ روشنين جو شهر آ،
هي شهر تہ ماڻهن جو بحر آ،
هي شهر اميرن لاءِ بہ آ،
هي شهر غريبن لاءِ بہ آ،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي،
هت دونهون ساهہ ٻوساٽي ٿو،
۽ ماڻهن سر گھوماٽي ٿو،
هت جلادن ڪي چيڪ چڙي،
۽ ساڌن جا سڀ ساهه گھٽي،
ويو عدل هتان بس يار لڏي.
هن شهر جو ڪاڏو پيٽو سڀ،
هن شهر تي قبضو ڌارين جو،
سڀ ڏيهي اوپرا ٿا ڀاسن،
هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي.
هت ڳاڏيون ماڻهن ڪان وڏ آهن،
۽ رستا روڊ بہ سوڙها ٿي ويا،
هت ميڊيا موجن ۾ آهي،
۽ ماڻهون ڪيڏا گھوڙا ٿي ويا،
هت ٻارن مکڙا مرجهايل
۽ جوان تہ پوڙها ٿا ڀاسن،
هت ماڻهون سستو ٿيندو ويو،
۽ روز مرهہ جي جياپي لئہ،
هر شيءِ مهانگي ٿيندي وئي،
ڪي ماڻهون موجون ماڻن ٿا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪنهن کي بہ نہ ليکي آڻن ٿا ،
ڪي ماڻهون سوچي سوچن ٿا ،
ڪيئن پوري گهر جي يار ڪندا ،
هت گهرجون وڌنديون وڃن ٿي ويون ،
۽ ڪيئي سوچون جهڙ ٿي ويون ،
هن شهر جي کهڙي ڳالهہ ڪجي.
هت جسم جا سودا يار ٿين ،
۽ شهر ۾ شودا ڇيڪ گهمن ،
هت مُسرڪون ملهہ مهانگيون آهن ،
۽ سِسڪيون سڏڪا روز پڇهن ،
هت ڪن ٻڌن ۽ اکيون بہ ڏسن ،
پر ماڻهون ڪين ڪڇن ٿا چپ رهن ،
هت هر ڪو پنهنجي ۾ پورو آهي ،
پر هر ڪو پوءِ بہ اڌورو آهي.
هن شهر جا جيڪي حاڪم آهن ،
ماڻهن جا سڀ قاتل آهن ،
۽ سڀ مسونجهارن ۾ قاتل آهن.
جيڪو جنڊ ڇڏائڻ چاهي ،
تو جيون ڳاهہ بہ سوئي ڳاهي ،
هت ڪنهن لاءِ ڪجهہ نہ چئي سگهجي
هت ڪيئي ذهن ٻيي آهن ،
جي ٿاهہ ٿڳيءَ جا وڻنا ٿا هن ،
هڪڙا لاهن ٻيا ٿا چاڙهن،
هت هر ڪو سير سوا آهي ،
۽ پاڻ کي گهٽ نا ڪوئي ڀانئين
هن شهر جي کهڙي ڳالهہ ڪجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# يار مونکي ياد ڪندا

مونکان پوءِ منهنجا يار،
مونکي ياد ضرور ڪندا.
ڪوئي ڪرو شخص سڏيندو،
ڪوئي ڪوتو ڪاٽو،
سياست ۾ اندو ڪاٽو،
يا ڪو ديوتيءَ جو گهاٽو،
يا ڪو ساهه سيباٽو ماٺهو،
مونکي کهڙا لقب ڏئي،
سڀ پنهنجي ليکي،
مونکي منهنجا يارڙا،
ڪن سارن ڪي ساري،
ايئين ياد ڪندا.
يا جڏ يار مڙي گڏ ويهي،
ڪنهن صنف جو ويهي ڇيد ڪندا،
يا ڪنهن تازي نظم رچيل تي،
ڪوئي وهه واهه يار ڪندو،
۽ ان جي خيالن جي گهرائيءَ ۾،
سڀ راز رکيل کولي ڦولهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪي تعريفي جملا ڳالها ئي،
هبڪي هبڪي ساهہ پٽيندو،
تہ هر ڪو مونکي ياد ڪندو.
پل مان ڪورو چٽ سهي،
اڄ جي يارن آڏو آهيان
يا ڪن يارن جي خاطر،
آءُ نسورو پٽ سهي،
تو هرڪو پنهنجي سمجهہ پڏا ئي
ڪوئي ڪنهنکي ڪيڏو چاهي،
مون ٻيي ڪن کي چاهيو هوندو،
سينو نہ ڪنهن سان ساهيو هوندو،
پاڇو ڪن لئہ سايو هوندس،
ڪيڏي آ خوشفهمي مونکي،
هر ڪنهن لاءِ اڪيرا اندر ۾،
مان تو پانيان يار بہ مونکي،
مونِ هوندي يا مونکان پوءِ،
من مندر ۾ هيڪل هوندي،
يا ڪڏ ميڙن ميلنّ ۾،
مونکي ياد ضرور ڪندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منداٿائنتي سار

آءُ تو لاءِ ڪيترو روئان رڙان،
واجهون وجهان واجهائيان،
تون ويو آن عيد جو چڻ چنڊ ٿي،
آءُ هيڪر اي پرين ڌرتيءَ جو سوڳند ٿي،
ڪين ٿي گذري سوا تنهنجي رات،
۽ وري جيءُ جلائي پئي برسات،
تون هجين جيڪر هتي،
آءُ توکي ايئن ٻکي،
قرب وهه واهه جا وندي،
رات کي گهاري ڇڏيان،
تو مٿان، جان پيي واري ڇڏيان،
ساهه منهنجو پل ڪٽي هڪڙو هجي،
تو سوا ان ساهه کي ڪاڏي ڪجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوچن جي سگهہ

اي منهنجا دوست،
اڃان نہ منزل اوڏي تي،
اڃان تہ پنڌ پيي ڪٿو ٿاهي،
اڃان تہ مان پيي ٿڪو ناهيان
اڃان تہ منهنجي نس نس ۾،
گرم گرم رت جو وهڪرو،
جسم جي ڳڳاٽيل عضون اندر،
برفن هيٺان وهندڙ رت جيان،
آهي روان دوان
اي منهنجا دوست!
اڃان تہ ذهن پيي منهنجو،
سوچن جي ساگر جي ڇولين جي ڏولين ۾،
هر روز ٿو جُهولي جُهلي،
هر روز سوچون ٿيون سِـرجن نيون،
هير جي هر جهوٽي سان گڏ،
ٿيون وڃن وکري پري پري توڻي،
۽ ڪري معطر فضا ساري،
سمائجي ساهہ سان سيني اندر دل ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُتل سارن ا منگن کي اتارن ٿيون،
مئل ڪيئي دلين کي جيارن ٿيون،
اجان تائين اهي سوچون،
سلهاڙيل يار آ هن سپ سچائين سان،
ڪچاين سان نہ ناتو تن لڳايو آ،
اي منهنجا دوست!
انهن سوچن سچاين جي،
سهاري مان بہ جيئرو هان،
۽ سوچون ٿيون وڃن جيڏانهن،
انهن جي ڪڍ پيرن تي،
رکي مان پير پنهنجا پيي،
اجان پنڌ ۾ پيو آهيان،
۽ توکي ٿو ڏيان پڪ مان،
اجان مان پيي ٿڪو ناهيان ،

---

(موهن ڪلپنا جي ڪهاڻيءَ جو عنوان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم

سرنهن جي ڦولار جو آهي هڳاءُ،
آهه راڻي بود ۾ ماڪيءَ سندي،
مست ا ٿ تا ڪيترا ڦرندا وتن،
ولهه واٽن تي وسي ٿي رات ڏينهن،
هيل پارو تہ پارو نہ آ،
ويران سڀ رستا ٻٽيا،
۽ پري تائين نہ آ ڪو واٽهڙو،
هو ڇنن مان لاٿ دونهين جي ڏسو،
ڪي ڏڪايل ڏيل ڏٻرا مچ متي،
هٿ سيڪڻ لاءِ آهن گڏ ٿيا.
سيءَ ۾ ماڻهو ڪِڳاٽيا تا وتن،
سج ايرڻ ساڻ پارو آ لٿو،
سيءَ کان هر ڪوئي لڪند و ٿو وتي،
ڪيترا ئي مڻ ڪٽي گرميءَ سندا،
ماڻهو وتي ڪلندو ۽ ٿلندو ا س ۾،
پر سوا تولو بہ سرديءَ سندو،
ڪو ڪٽي سگهندو نہ آ،
ڇو تہ هن جي جسم ۾،
وهڪرو رت جو بہ گرميءَ پد ڪان،
هيٺ ڪرندي ئي ڏڪائي ٿو بدن،
ڏند ڪڙڪڻ ڪان سوا بيهن نہ ٿا،
ڪوسڙو ڪو چانهہ چسڪو،
جيئن وجي ٿو پيٽ ۾،
ساهه تان ٿي مونجهہ هيڪر لهي،
۽ اچي ساچاهہ ساري جسم ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اعتماد

مونکي آهي پڪ پرين!
جي هيڪر مونکان وسري وئين،
منهنجي ذهن ۾ لفظن جو ذخيرو،
هڪ جهٽڪي ساڻ ويندو ختم ٿي.
چوڌاري طرف خاموشي ڇانئجي ويندي،
اوندهه انڌوڪار ۾،
هر شيءِ نظرن کان اوجهل ٿي ويندي،
۽ مونکي آهي پڪ پرين!
مان پنهنجو پاڻ کان،
ازل کان ابد تائين ڇلجي ويندس.
مونکي آهي پڪ پرين!
ته تنهنجو ناءُ ئي آهي،
جو منهنجي ساهه جي نازڪ سڳي کي،
مظبوط کان مظبوط ڪيو بيٺو آ.
۽ مونکي آهي پڪ پرين!
ته مونکان تنهنجو ناءُ جي وسري ويو،
ته دنيا جي هر شيءِ ياد نه رهندي مونکي،
ڏينهن نه ٿيندو ڪڏهن،
هي چنڊ ۽ تارا سيئي،
ڪائنات جي منظر تان،
مون لاءِ سڀ غائب ٿي ويندا.
باقي ڪجهه به نه رهندو،
سڀ ڪجهه تنهنجي ناءَ سان،
مون لاءِ آهه سلهاڙيل سائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زندگيءَ خاطر

سج جي چوڌار ڦيرا چنڊ جا،
ٿي رات ڪُٽي ۽ ڏينهن ڦُٽي،
۽ زندگي روشن رهي
اچ ا جهائڻ ڪارڻ اچو،
ٿو پڪ پاڻيءَ ڏي وڃي،
جنڊ ڏانهن ايندي اناج،
ٿو اٽو بڻجي پوي،
۽ بک بجهائي ٿو بکيو.
پر وقت ڪڏهين،
يار اهڙو پيو اچي ٿو،
جو سج ڦري ٿو چنڊ کي،
۽ تاڙ ۾ پاڻي رهي ماٺوءَ سندو،
جنڊ واجهائي ڪڏ هن،
ڪٽ مسلي داڻو وڃي.
وقت وقت جي ڳالهه آ
۽ ضرورت هر ڪنهين کي ٿي نچائي،
ٿي رچائي راند اهڙي،
هار جنهن ۾ ناهه ڪنهنجي،
جيت جي پڪ ناهه ڪنهنکي،
بس سيئي اکيون بڏل ڪنهن ڏاند جيان،
نار م ڦرندا رهن ٿا،
زندگيءَ جي نانءَ خاطر،
سج جي چوڌار ڦيرا چنڊ جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سجايو وقت

هن چپر جي چانءَ ۾ ،
ڪي گهڙيون ساهي ته پٽ ،
ڏس ته ڪيڏو ڏينهن آهي تتل ،
هن چپر جي چانءَ ۾.
جو به آ ميڙو متل ،
تَنهن ۾ تُنهنجي سک سندو ،
جي مُداوا تي پوي ،
تنهنجي قسمت ۾ اچي ڦيرو وجي ،
تهنجي من ۾ اڏيل ،
جي ڏکن ڊيرو پيچي ،
سک سِندو جهو تو ڇهي تنهنجو بدن ،
پڪ چاڻج تو نه ڪاريو وقت آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تون جياپو منهنجو

تون آهين
هتي ڪٿي آهين،
توکي منهنجون هي خاڪي اکيون،
جيڪڏهن ڏسڻ کان قاصر آهن،
پوءِ بہ تون آهين،
هتي ڪٿي آهين،
جيستائين منهنجي خيالن جو پرواز آ.
منهنجي ذهن جي هر پردي تي اُڪريل،
تنهنجو ئي تہ نقش آهي.
منهنجي روح جي هر پور ۾،
تنهنجي تصوير سجايل آهي،
منهنجي هر تصور ۾،
تو کان سوا ڪجھہ بہ نہ آ.
تون آهين،
هتي ڪٿي آهين،
جڻ تہ ڇتي ڪِتي آهين.
منهنجي هر ساهہ ۾،
تنهنجي ساهن جي سڳنڌ آهي سمايل،
تون تہ هڪڙو بہ پل،
مونکان ڪڏهن ڌار ئي ناهين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي ياد ڪيان ڪيئن ڪيان؟
مون توکي ڪڏهن وساريو ئي نهي.
منهنجو هر دم،
تو سوا ٻي دم تي تو وجي،
تون آهين،
تہ منهنجي حياتي بہ آهي،
جنهن ڏينهن تنهنجو تصور،
منهنجي ذهن تان ميساربو،
اهو ڏيهن منهنجي،
زندگيءَ جو آخري ڏينهن هوندو.



